حصو الف (گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال 1. هيٺين جملن جا صحيح جواب لکو.

(1) ياڻ سڳوري صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي زره مبارڪ ڪيترن سيرن جَوَن جي عيوض گروي رکيل هئي؟
(الف) ٻہ سير (ب) ٽي سير (ج) چار سير (د) پنج سير

(2) ڪهڙي غزوه ۾ پاڻ سڳوري صلي الله عليہ وسلم جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو؟
(الف) بدر (ب) احد (ج) خندق (د) تبوڪ

(3) ڪربلا جو واقعو ڪهڙي سن هجري ۾ پيش آيو؟
(الف) 58 هجري (ب) 60 هجري (ج) 61 هجري (د) 70 هجري

(4) اتحاد جو ضد آهي.
(الف) اتفاق (ب) بڌي (ج) انتشار (د) نفاق

(5) راءِ ڏياچ ڪهڙي علائقي تي راڄ ڪندو هو؟
(الف) علي ڳڙهہ (ب) راجستان (ج) جونا ڳڙهہ (د) خان ڳڙهہ

(6) هڪ ويسو انسان سو ويسو ـــــ
(الف) زمين (ب) پلهہ (ج) لباس (د) گهر

(7) ترت علاج لاءِ ڪر وڃجي .
(الف) جلد بازي ڪان (ب) چالاڪي ڪان
(ج) حاضر دماغي ڪان (د) دورانديشي ڪان

(8) گورک ۽ چوٽي ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟
(الف) شهدادڪوٽ (ب) دادو (ج) ڄامر شورو (د) ٺٽو

(9) اسماعيلي مبلغن جي ڪلام کي ڇا سڏجي ٿو؟
(الف) مرثيو (ب) منقبت (ج) گنان (د) عروضي شاعري

(10) موجوده دور ۾ نثري صنفن ۾ ڪهڙي شيءِ کي اهميت حاصل آهي؟
(الف) ڪهاڻي (ب) ڊرامو (ج) افسانو (د) مضمون نگاري

(11) آغاخان فائونڊيشن ڪهڙي ملڪ ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهي؟
(الف) آمريڪا (ب) برطانيہ (ج) سيٽزرلينڊ (د) ڪئناڊا

(12) ٻچت بابت قرآن پاڪ جي ڪهڙي سورت ۾ ذڪر آهي.
(الف) سورت بقره (ب) سورت يوسف
(ج) سورت انفال (د) سورت لقمان

(13) مسجد عيد گاه سنڌ جي ڪهڙي تاريخي شهر ۾ آهي؟
(الف) ٺٽو (ب) حيدرآباد (ج) سکر (د) روهڙي

(14) شاعر حاجي احمد ملاح جو تعلق ڪهڙي شهر سان هو؟
(الف) ڀٽ شاهہ (ب) هالا (ج) بدين (د) دراڙه

(15) قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪهڙي دور ۾ ٿيو؟
(الف) عربن (ب) سومرن (ج) ڪلهوڙن (د) ٽالپرن

حصو ب (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: ڪي بہ 9 سوال حل ڪريو هر سوال تي 4 مارڪون رکيل آهن.

سوال2. پاڙي بابت سنڌيءَ ۾ ڪهڙي چوڻي آهي؟

سوال3. شاهہ عبداللطيف رحہ اتحاد لاءِ ڪهڙو مثال ڏنو آهي؟

سوال4. جمشيد اسان کي ڪهڙا ٻہ وسرڻ جهڙا سبق ڏنا آهن؟

سوال5. ملڪ جي خوشحالي جو دارومدار ڇا تي آهي؟

سوال 6. اسلام انسانيت بابت اسان کي ڇا ٿو سيکاري ؟

سوال7. هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.
ڪڪڇڻ وانجهيل اونو ڪارڻ

سوال 8. سمن جي دور جو وڏو شاعر ڪير آهي؟

سوال9. سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جون راهون ڪيئن کليون آهن؟

سوال 10. روهڙي ڪهڙين ڳالهين ڪان مشهور آهي؟

سوال11. هيٺين لفظن جا اشتقاق ڏيو.
خير خواهہ دولتمند ڍيسر عاليشان

سوال12. دنيا جو جديد ترين اسٽيج ڪهڙي هال ۾ آهي؟

سوال13. مخدوم محمد زمان "طالب المولٰي" جي حياتي تي مختصر نوٽ لکو.

حصو ج (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: ڪي بہ 3 سوال حل ڪريو. هر سوال تي 8 مارڪون رکيل آهن.

سوال 14. پنهنجي دوست کي خط لکو . جنهن ۾ ڀاءُ جي شاديءَ تي اچڻ لاءِ ڪوٺ ڏيو.

يا

تعليم کاتي جي ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر صاحب کي ڳوٺ ۾ انگريزي اسڪول کولڻ لاءِ درخواست لکو.

سوال15. ڪنهن بہ هڪ سبق جو خلاصو لکو.
ٻچت آئيندي جو اونو

سوال16. ملڪي وسيلن کي ڪيئن صحيح استعمال ڪري سگهجي ٿو؟ تفصيلي نوٽ لکو.

سوال17. ڪنهن بہ هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو.
(الف) رسيو جنهن جي سرتي اجل جو پيام. تنهن نوڙائي سرتن کي ڪيو ٿي سلام
(ب) آشنائي جا وڻ بہ ويا وڄجي. پرت ڪان پاڻ کي پلڻ واجب

سوال18. ڪنهن بہ هڪ شاعر جو احوال لکو.
مرزا قليچ بيگ سامي حافظ محمد احسن